# اميرِ اهلِ سنّت جي مدني جي سفر جا واقعات

سنڌي



پيشڪش:
مجلس المدينة العلمية
ترجمو:
ٽرانسليشن ڊپارٽمينٽ

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي ڇڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!

(مستطرف ج ١ ص٤٠ دار الفكربيروت)



طالب غم
مدينه
بقيع
و
مغفرت

(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)


رسالي جو نالو: **اميرِاهلِ سنّت جي مديني جي سفر جا واقعات**

ڇاپو پهريون: محرم الحرام 1444هه، آگسٽ 2022ع

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينه عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه بابُ المدينه ڪراچي



مدني التجا: ڪنهن کي به هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي


**ڪتاب خريد ڪندڙ توجهه فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن ته مڪتبة المدينه سان رابطو فرمايو.

# اميرِاهلِ سنّت جي مديني جي سفر جا واقعات

## پيشڪش

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر** (دعوت اسلامي)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.

**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.net

# فهرست

اميرِاهلِ سنّت جي مديني (1980ء) جي سفر جا واقعات .............. 1
دُرود شريف جي فضيلت .............................. 1
مديني جي حاضري جي پهرين رات .......................... 1
مصيبتن کي پري ڪرڻ وارا .............................. 4
غَلَط فهمي جوازالو .................................. 5
خواب ۾ تشريف آڻي ڪري دلجوئي فرمائي .................... 7
اميرِاهلِ سنّت ۽ مديني جو زَخم .......................... 8
مديني جون پاڪ گهٽيون .............................. 9
حضرت ابوبڪرصديق رَضِیَ اللہُ عَنْہ جو عالي شان گهر .............. 11
مديني جي نالي جو اَدب .............................. 11
مديني جون گهٽيون .................................. 13
عاشقن جا پنهنجا انداز هوندا آهن .......................... 13
عشق ۽ محبت جو هڪ انداز .............................. 14
مديني پاڪ ۾ ڪَشِش جي وجه .............................. 15
مديني جي ياد ۾ ڪلام لکي ورتو .......................... 16
امير حمزه جي مزار تي حاضري .......................... 17
اُحد جا شهيد سلام جو جواب ڏيندا آهن .................... 18
شهداءِ اُحد جي ڪرامت .............................. 18
عاشقِ رسول جنتي جبل .............................. 20
چمڪندڙ پٿر .................................... 22

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ۭ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ۭ

اميرِ اهلِ سنت جو پهريون سفرِ مدينہ قسط 2 بنام

# اميرِاهلِ سنّت جي مديني (1980ء) جي سفر جا واقعات

**دعاءِ جانشينِ عطار:** يارَبّ المصطفيٰ! جيڪو بہ هي رسالو ”**اميرِ اهلِ سنت جي مديني جي سفر جا واقعات**“ مڪمل پڙهي يا ٻڌي وٺي ان کي مديني جي عاشق اميرِ اهلِ سنت جي صدقي مديني جو حقيقي ديوانو بڻاءِ ۽ ان سان هميشہ هميشہ جي لاءِ راضي ٿي وڃ.

اٰمين بِجاهِ خاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## دُرود شريف جي فضيلت

فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي اُن کي گهرجي تہ مون تي دُرودِ پاڪ پڙهي ۽ جيڪو هڪ ڀيرو مون تي درود پاڪ پڙهندو الله پاڪ ان تي ڏهہ رحمتون نازل فرمائيندو.

(السنن الکبریٰ للنسائی، 21/6، حديث: 9889)

کعبہ کے بدرالدُّجیٰ تم پہ کروڑوں درود　　طیبہ کے شمس الضحیٰ تم پہ کروڑوں درود

(حدائقِ بخشش، ص 264)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## مديني جي حاضري جي پهرين رات

مديني جي عاشق، اميرِ اهلِ سنّت جي آقاءِ مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ديارِپاڪ شهرِ مدينہ ۾ حاضري جي پهرين رات آهي. مسجدِ نبوي

شريف جا ظاهري دروازا بند ٿي چڪا آهن، [1] مسجد شريف ۾ چند افراد تهجد جي نماز جي لاءِ موجود آهن، صبحِ صادق جو ياڳ پريو وقت آهي، اميرِ اهلِ سنّت ذوق و شوق جي عالم ۾ نور وسائيندڙ سبز سبز گنبذ جي زيارت سان لطف وٺندي قَدَمَين شريفين جي پاسي بابِ جبريل کان سبز سبز گنبذ جي نور و ضِيابار پاڇي ۾، پوءِ اتان کان اُبتي پير هلي ڪري ٻي پاسي وڃي رهيا آهن، عجيب ڪيف و سُرور سان پريل دل جي ڪيفيت هوندي. اهو سبرسبز گنبذ جنهن جي زيارت جي لاءِ ڪروڙين اکيون ترسنديون آهن نگاهن جي سامهون آهي. انهيءَ ڪيف و مستي جي عالم ۾ هئا ته هڪ امتحان پيش اچي ويو. ٿيو ڪجھ ايئن ته مديني جي عاشِق کي تاجدارِ مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پياري سنّت زلفون سجايل هيون. اُتي موجود هڪ پوليس واري کي خبر ناهي ڇا ذهن ۾ آيو جو اُن ڀاڻ کي پنهنجي طرف سڏيندي چيو: ”تَعال“ يعني هيڏانهن اچو. جڏهن ڀاڻ اُن ڏانهن تشريف کڻي ويا ته اُن پڇيو هي ڇا ڪري رهيا آهيو؟ ڪوچہ جانان (محبوب جي گهر) ۾ ذوق و شوق پريل هنن جذبات کي پلا لفظن ۾ ڪيئن بيان ڪري سگهجي ٿو؟ الله بهتر ڄاڻي ٿو اُن کي ڪهڙو وهم ٿي ويو وڏيڪ انوسٽي گيشن ڪندي اُن ڀاڻ کان پاسپورٽ گهريو، ڀاڻ فرمايائون: اُهو ته منهنجي رهائش گاهه تي آهي. پوءِ اهو سندن خَمّ دار زُلفن کي ڏسندي چوڻ لڳو: هي ڇا آهي؟ عاشقِ سنّت مسڪرائيندي جواب ڏنو: اَلسُّنَّة يعني هي سنت آهي. شايد ديني

[1] ...انهن ڏينهن ۾ مسجد شريف زائرين جي لاءِ سڄي رات کليل نہ رهندي هئي.

معلومات گهٽ هئڻ سبب اُن اميرِ اهلِ سنّت جي ڏاڙهي شريف کي ڇُهَندي چيو: هٰذِهِ السُّنَّة يعني هي ڏاڙهي شريف سنّت آهي، زُلفون سنّت نہ آهن. اهو ٻڌندي ئي اميرِ اهلِ سنّت جو خيال هن طرف ويو تہ هڪ سال پهريان ئي مسجدِ حرام ۾ ڪجهہ شر انگيز ماڻهو آيا هيا جن کي وڏا وڏا وار رکيل هيا اُنهن اُتي وڏيون بي ادبيون ڪيون ۽ ان دردناڪ واقعي ۾ ڪيئي حُجّاج ڪِرام شهيد بہ ٿيا پوءِ انهن کي پڪڙي ڪري هميشہ جي ننڊ سمهاريو ويو. لڳي ٿو هن پوليس واري جي ذهن ۾ اهو پيو اچي تہ مان اُنهن مان آهيان. پوءِ اُن پنهنجي هڪ ٻئي ساٿي کي جيڪو قريب وينو اوباسيون ڏئي رهيو هيو پير سان ٺوڪر هڻي ڪري اٿاريو. اُن اٿندي ئي بندوق سنڀالي. نمازِ فجر جو وقت ويجهو هو ۽ وضو وغيره جي حاجت بہ هئي اهڙي صورت حال ۾ مديني جي عاشقِ جي دل وڏي بيقرار پئي ٿئي تہ خبر ناهي هي ڇا ڪرڻ چاهين ٿا، پوليس واري ويجهو ئي هڪ ڪوٺڙي جيان ڪمري جو دروازو کولي ڪري اندر داخل ٿيڻ جو چيو. پاڻ دل ئي دل ۾ اهو سوچي ڪري پريشان ٿي ويا تہ خدانخواستہ جيڪڏهن مون کي هي ماڻهو هتي ڇڏي ڪري هليا ويا تہ طهارت و وضو پڻ نماز جي ادائيگي ڪيئن ٿي سگهندي؟ انهيءَ سوچ ۾ بي اختيار پاڻ جي زبان مبارڪ مان پنهنجي مادري زبان ميمڻي ۾ نڪتو:"يارسولَ الله! ڪِڏا ڦسائي ويو" يعني يا رسولَ الله! مان ڪٿي ڦاسي ويس؟ مديني جي ديواني جي زبان مان هِن جملي جو نڪرڻ هيو تہ شعرِ رضا

والله وہ سُن لیں گے فریاد کو پہنچیں گے　　اِتنا بھی تو ہو کوئی جوآہ کرے دِ ل سے

(حدائق بخشش،ص143)

جي مِصداق مديني جي آقا جي مدد اچي وئي، فرياد ٻڌي وئي. پوليس واري هڪ دم ڪلندي ۾ دروازي کي بند ڪندي بس ايترو چيو: وار ڪترائي ڇڏيو.

مدد سرکار فرماتے ہیں دیوانہ اگر کوئی　　تڑپ کر یارسول اللہ کا نعرہ لگاتا ہے

(وسائل بخشش،ص436)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب!　صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## مصيبتن کي پري ڪرڻ وارا

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! مديني جي عاشق اميرِ اهلِ سنّت جي مديني پاڪ ۾ پهرين رات جي حاضري جي اُن واقعي ۾ اميرِ اهلِ سنّت جي نماز سان محبت ۽ مشڪل وقت ۾ پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاھ ۾ فرياد جو انداز وڏو ايمان اَفروز آهي. يقيناً نماز کان بغير ڀانهو ڪنهن ڪم جو؟ نماز ڪنهن حال ۾ به ڇڏڻ نه گهرجي پڻ سخت رَنج ۽ مصيبت ۾ جڏهن اُمتي پنهنجي پياري پياري آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ياد ڪندو آهي ته حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي پريشان حال اُمَّتي جي مدد فرمائيندا ۽ مصيبت کان نجات ڏياريندا آهن چو ته پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم الله پاڪ جي عطا سا غيب ڄاڻيندا ۽ سڏڻ واري جي مدد فرمائيندا آهن. پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو مشهور لقب ”دَافِعُ الْبَلَا“ يعني ”مصيبتن کي پري ڪرڻ وارو“ آهي ۽ سندن هي لقب قرآنِ مجيد مان ثابت آهي جيئن ته سيپاري 9 سورةُ الْاَنْفال آيت نمبر 33 ۾ ارشادِ باري آهي:

| ترجمو كنزالعرفان: ”۽ الله جو هي شان ناهي تہ انهن کي عذاب ڏي جيستائين اي حبيب! اوهان انهن ۾ تشريف فرماهجو.“ | وَمَا كَانَ اللّٰهُ لِيُعَذِّبَهُمْ وَاَنْتَ فِيْهِمْ |
|---|---|

منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امامِ اهلِ سنّت مولانا شاهہ امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: سبحانَ الله! اسان جا حضور دافعُ البَلا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪافرن تان بہ دفعِ بَلا(مصيبت پري ڪرڻ) جو سبب آهن ۽ مسلمانن تي تہ خاص رؤف و رحيم آهن. صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.
(فتاوىٰ رضويہ،379/30)

حضرتِ شاهہ ولي الله مُحَدّث دهلوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه لکندا آهن: اسان کي نظر نٿو اچي مگر حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هر مصيبت جي وقت غمخواري فرمائيندا آهن. (اطيب النغم فى مدح سيد العرب والعجم ، ص4)

تڑپ کر غم کے مارو تم پکارو یارسولَ اللہ — تمہاری ہر مصیبت دیکھنا دم میں ٹلی ہوگی
(وسائلِ بخشش،ص392)

## غَلَط فهمي جو اِزالو

7ستين صدي هجري جي عظيم بُزرگ امام تقي الدين سُبڪي شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: حُضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان مدد گهرڻ جو اهو مطلب ناهي تہ حضور خالق و فاعلِ مستقل (يعني الله پاڪ جي عطا کان بغير مدد فرمائڻ وارا) آهن اهو تہ ڪو مسلمان ارادو ناهي ڪندو، تہ اُن معنيٰ تي ڪلام کي رکڻ (يعني حُضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

ڪان مدد گهرڻ کي الله پاڪ سان ملائڻ) ۽ حُضور ڪان مدد گهرڻ کي منع ڪرڻ دين ۾ مُغالطو ۽ مسلمانن کي پريشاني ۾ وجهڻ آهي.
(شفاء السقام ، ص175)

حشر میں ہم بھی سیر دیکھیں گے　　منکر آج ان سے التجا نہ کرے
(حدائقِ بخشش شريف،142)

شَرحِ ڪلامِ رضا: منهنجا آقا اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن شعر ۾ فرمائن ٿا: جيڪي ماڻهو اڄ دنيا ۾ الله پاڪ جي پيارن کي ”بي اختيار“ سمجهندا آهن، روزِ محشر اسان بہ انهن جو خوب تماشو ڏسنداسين تہ ڪهڙي ريت بي بسي ۽ بي چَيني سان انبياءِ ڪرام عَلَيهِم السَّلَام جي پاڪ دربارن ۾ شَفاعت جي خيرات وٺڻ جي لاءِ ڌڪا کائي رهيا هوندا! پر ناڪامي جو منهن ڏسندا. تڏهن تہ چيو پيو وڃي:

آج لے ان کی پناہ آج مدد مانگ ان سے　　پھر نہ مانیں گے قیامت میں اگر مان گیا
(حدائقِ بخشش ،ص56)

شَرحِ ڪلامِ رضا: يعني اڄ اختياراتِ مصطفيٰ جو اِعتراف ڪري وٺ ۽ ان جي دامنِ ڪرم جي پناهہ ۾ اچي وڃ ۽ اُن ڪان مدد گهر. جيڪڏهن تُون اهو ذهن بڻائي ڇڏيو تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم الله پاڪ جي عطا سان بہ مدد ناهن ڪري سگهندا تہ ياد رک! قيامت جي ڏينهن جڏهن الله پاڪ جي پياري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو شانِ محبوبي ظاهر ٿيندو ۽ تون اختيارات تسليم ڪري وٺندي ۽ شفاعت جي صورت ۾ مدد جي لاءِ ڊوڙي رهيو هوندي تہ اُن وقت سرڪارِ نامدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم نہ ”مڃيندا“ جو دنيا ”دارُ العمل“ (يعني عمل ڪرڻ جي جڳهہ) هئي جيڪڏهن اُتي ”مڃي وٺين ها“ تہ ڪم ٿي وڃي ها،

هاڻي ”مجڻ“ ڪم نہ ڏيندو چو تہ آخِرت دارُالعمل نہ ”دارُالجزا“ (يعني دنيا ۾ جيڪو عمل ڪيو اُن جو بدلو ملڻ جي جڳھ) آھي.

بیٹھتے اُٹھتے مدد کے واسطے یا رسولَ اللہ کہا پھر تجھ کو کیا

(حدائقِ بخشش، ص361)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## خواب ۾ تشريف آڻي ڪري دلجوئي فرمائي

مڪي مديني جا تاجدار، سيني نبين جا سردار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنھنجي غلامن جي حالتن کان ڪيترا نہ واقف آھن انھيءَ ضمن ۾ اميرِ اھلِ سنّت جي 1980ع جي مديني جي سفر جو ھڪ پيو واقعو پڙھو ۽ جھومو. سَيّدي قُطبِ مدينہ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي ھڪ مُريد حاجي اسمٰعيل مرحوم بمبئي (ھند) جا رھڻ وارا ھئا، ھي مديني پاڪ ۾ سالن جا سال رھندا رھيا، انھن مديني جي عاشق اميرِ اھلِ سنّت کي ٻڌايو تہ ھڪ وڏي عمر جي عورت سُنھري جارين جي سامھون حاضر ٿي ڪري پنھنجي سادڙي انداز سان بارگاهِ رسالت ۾ سلام عرض ڪري رھي ھئي. ايتري ۾ اُن جي نظر گڏ بيٺل ھڪ ٻي عورت تي پئي جيڪي ھڪ ڪتاب مان ڏسي ڏسي ڪري خوبصورت لقبن سان بارگاهِ رسالت ۾ سلام عرض ڪري رھيون ھيون. وڏي عمر جي عورت ڏسي اُداس ٿي ڪري چوڻ لڳي: يارَسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! مان تہ ايتري پڙھيل لکيل نہ آھيان، توھان تہ شايد اِنھيءَ سٺي انداز سان پڙھڻ واري عورت جو ئي سلام قبول فرمائيندا منھنجو سلام ڀلا توھان کي ڪيئن پسند ايندو!

ايترو چئي ڪري غمزده ٿي ڪري روئڻ لڳي. جڏهن رات جو اُها ستي تہ اُن جي قسمت جاڳي پئي، الله پاڪ جي عطا سان دِلين جي ڳالهہ جاڻڻ واري غمخوار آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم خواب ۾ تشريف آڻي ڪري ارشاد فرمايو:”مايوس چو ٿيون ٿيو“ اسان توهان جو سلام سڀ ڪان پهريان قبول فرمايو آهي“.

تم اُس کے مددگار ہو تم اُس کے طرفدار | جو تم کو نکمّے سے نکمّا نظر آئے
لگاتے ہیں اُس کو بھی سینے سے آقا | جو ہوتا نہیں مُنہ لگانے کے قابل

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## اميرِاهلِ سنّت ۽ مديني جو زَخم

1980ء ۾ اميرِ اهلِ سنّت جي پهرين مديني جي سفر جي موقعي تي مسجدِ نبوي شريف جي مبارڪ دروازي جنهن ڪي سلطان عبدالمجيد جي نسبت سان بابِ مجيدي چوندا آهن جي طرف کان رستا ڪوٽريل ها ۽ روڊ تي سنگريزا (نوڪيلا پٿر) ايريل هيا، مديني جي عاشق اميرِ اهلِ سنّت پيرين اگاڙي مديني پاڪ جي مبارڪ شاهراهن تي هلندي پنهنجي پير و مرشد جي آستاني ڏانهن حاضري جي لاءِ وڃندا وڃي رهيا هئا تہ هڪ پٿر شريف سان پير ۾ ڌڪ لڳي پيو. پير ۾ سور ۽ سوج جي سبب هلڻ ۾ تڪليف ٿيڻ لڳي. هڪ صاحِب جيڪو اسپتال ۾ ڪم ڪندو هو ۽ سَيّدي قُطبِ مدينہ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي آستانۂِ عاليہ تي حاضر ٿيندو هو اُن ڪي ڊاڪٽر صاحب ۽ عاشق جي لقب سان سڏيو ويندو هو. مديني جي عاشق اميرِ اهلِ سنّت جي جڏهن اُن سان ملاقات ۽ ڳالهہ ٻولهہ ٿي تہ اهو واقعي وڏو عاشق

نڪتو، چوڻ لڳو: هي تہ مديني جو زخم( ڏڪ) آهي هِن جو علاج ڪهڙو؟ پوءِ ان چند بُزرگن جا واقعا ٻڌايا، جن کي ٻڌندي ئي اميرِ اهلِ سنّت فرمايو:

مان هن مديني جي زخم جو علاج نہ ڪرائيندُس. چڱ:

یہ زخم ہے طیبہ کا یہ سب کو نہیں ملتا　　　کوشش نہ کرے کوئی اِس زخم کو سینے کی

انهيءَ تڪليف سان پاڻ پيرين اگهاڙي هلندا رهيا. هڪ پيري ايئن ئي سور جي عالَم ۾ هلندي سنهري جارين تي حاضر ٿي ڪري آقاءِ مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهہ ۾ عرض ڪيو: يارسولَ الله! هي توهان جي مبارڪ گهٽيءَ جو زخم(ڏڪ) آهي ۽ توهان کي منهنجي حالات جي سڀ خبر آهي، جيڪڏهن مان صبر ڪري سگهان تڏهن تہ هي سور سڄي زندگي مون سان گڏ رهي ۽ جيڪڏهن توهان اهو سمجهو ٿا تہ مان صبر نہ ڪري سگهندس تہ توهان کي ئي هن کي نيڪ فرمائڻو آهي، مان هن جو علاج نہ ڪرائيندس، مديني جو عاشق ناز ڀري اَنداز ۾ هي عرض ڪري واپس پنهنجي قيام گاهہ تي اچي ويو. گرمي شريف جي حاضري ۽ اُس شريف ۾ سيڪجڻ جي ڪري ٻن چئن ڏينهن ۾ اهو سور پاڻهي هليو ويو.

شافی و نافی ہو تم کافی و وافی ہو تم　　　درد کو کر دو دوا تم پہ کروروں درود

(حدائقِ بخشش، ص369)

## مديني جون پاڪ گهٽيون

اي مديني جا عاشقو! ڪائنات جي حَسين ترين مسجد، عاشقن جي اکين جو ٺار مسجدِ نبوي شريف ۾ عموماً اميرِ اهلِ سنّت

اڪيلي حاضري ڏيندا هئا. عاشِقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي شروعات نہ ٿي هئي. هڪ خوشگوار شام جو مديني جو عاشق مسجدِ نبوي شريف ۾ حاضري ڏيڻ کان پوءِ بابِ جبريل کان نڪري ڪري جنّتُ البقيع ڏانهن اڪيلي مديني جي گهٽين ۾ وڃي رهيا هئا. اُن مبارڪ دور ۾ بابِ جبريل جي سامهون ڪجھ عمارتون هيون جن جي وچ تي هڪ پُرڪيف جيڪا ڏسڻ ۾ ننڍڙي پر عظمت جي لحاظ سان تمام وڏي مُوژَ ڪائيندي مبارڪ گهٽي جنّتُ البقيع ڏانهن ويندي هئي. بابرڪت چو نہ هجي جو مديني جي شهر جي گهٽي هجڻ جو شرف ماٽيو، وڏيڪ فضيلت جو باعث ايئن جو اُن مبارڪ گهٽي ۾ ڪيئي گهرن مبارڪن جي باري ۾ مشهور هو تہ هي اهلِ بيت اَطّهار جا مبارڪ گهرَ آهن ۽ بابِ جبريل جي سامهون واري گهر جي باري ۾ ٻڌايو ويندو هو تہ هي مسلمانن جي پهرين خليفي، عاشقِ اڪبر صديقِ اڪبر رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ جو عالي شان گهر هو. اُن خوش نصيب گهٽي کي عاشقانِ رسول بهشتي گهٽي (يعني جنّتي گهٽي) چوندا ها. پر هاڻي اها گهٽي ظاهري اڪين سان نٿي ڏسي سگهجي چو تہ اُن کي شهيد ڪري مسجد شريف ۾ ئي شامل ڪيو ويو آهي.

پاوے ایناں گلیاں دا دیدار جو ہو جاوے رحمتاں دا حقدار او
تر گئے جنہاں نے تک لیاں مدینے دیاں پاک گلیاں

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## حضرت ابوبکرصديق رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جو عالي شان گهر




## مديني جي نالي جو اَدب

مديني جو عاشق بابِ جبريل کان آقاءِ مدينہ جي شهر مديني جي بابرکت گهٽين کان گذري رهيا هئا تہ سامهون زمين تي هڪ شيءِ تي ”المدينہ“ لکيل ڏٺو. دل تڙپي پئي تہ اهو مدينو جنهن جو نالو وٺڻ سان وات ۾ ماکي پئجي وڃي، اهو مدينو جنهن جي نالي سان عاشقن جي اکين مان ڳوڙها جاري ٿي پون، اهو مدينو جو جنهن جو نالو وٺڻ سان نَسيمِ خُلد (يعني جنت جي هوا) هلڻ لڳي جيئن تہ اعليٰ حضرت رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه لکن ٿا:

نامِ مدینہ لے دیا چلنے لگی نسیمِ خُلد　　سوزِشِ غم کو ہم نے بھی کیسی ہوا بتائی کیوں

(حدائقِ بخشش شريف،ص96)

اهو مدينو جيڪو سڄي ڪائنات جو نگينو، آقاءِ مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو بابرڪت شهر آهي. اُن مبارڪ نالي کي عقيدت و شوق سان چمي ورتو هڪ وڏي عمر جي شخص اهو ڏٺو ته خبر ناهي پنهنجي زبان ۾ ڇا چوڻ لڳو! اميرِ اهلِ سنّت مديني جي نالي کي چمي ڪري ڪجھ اڳتي وڌيا ئي هئا ته پويان ڪنهن جي سلام ڪرڻ جو آواز آيو، مُڙي ڪري ڏٺو ته هڪ پاڪستاني شخص هيو اُن وڏي سهڻي انداز سان ملاقات ڪئي ۽ عرض ڪيو: اُن شخص جو ٻُرو نه مڃجو. اوهان کي سنهري ڄارين تي حاضري ڏيڻ جي وقت ڪان مان توهان کي ڏسندو پيو اچان. مون کي توهان جا انداز تمام سنا لڳا آهن، اوهان اسان جي گھر هلو ۽ مون وٽ ڪاڏو ڪائو. مديني جي عاشق فرمايو: مون کي ڪاڏي جي طلب ناهي، وري اُن عرض ڪيو: هلو مون ڪان ڪجھ رقم تحفي طور قبول فرمايو. مديني جا عاشق ڪڏهن نه ختم ٿيڻ واري عشقِ رسول جي دولت سان مالا مال هئا اُنهن کي دنيا جي ناپائيدار دولت سان ڪهڙي غرض، پاڻ رقم وٺڻ ڪان انڪار ڪندي فرمايو: اَلحمدُ لِلّٰه مون وٽ رقم موجود آهي. پوءِ پاڻ وٽ قيام ڪرڻ جي دعوت پيش ڪئي ته پاڻ فرماياڻون: اَلحمدُ لِلّٰه مون وٽ رهڻ جي جڳھ به آهي. اُن وڏو اصرار ڪيو پر پاڻ ان کي منع فرمائي ڇڏيو.

ديوانگی پہ ميری ہنستے ہيں عقل والے
ديوانہ کر ديا ہے ديوانہ ہو گيا ہوں

رستہ تری گلی کا پوچھا تری گلی ميں
ديکھا ہے ميں نے ايسا جلوہ تری گلی ميں

## مديني جون گھٽيون

مديني جي مبارڪ گھٽين جي تہ ڳالهہ ئي ڪجهہ ٻي آهي. اهي مبارڪ گھٽيون جتان حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سَوين بلڪ هزارين ڀيرا گذريا آهن، صحابہ ڪرام و اهل بيتِ اَطّهار عَلَيْهِم الرِّضْوَان جي مبارڪ گھرن جا نشان آهن، هنن مبارڪ گھٽين جي عظمت و شان ڪيئن بيان ٿئي. مديني پاڪ جي شان ۾ ڪيترن ئي شاعرن دنيا جي مختلف زبانن ۾ هزارين شِعرَ لکيا آهن. سَيّدي قُطبِ مدينہ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: سيد امجد حسين امجد حيدرآبادي مديني پاڪ ۾ پنهنجي مشهور نعت منهنجي گھر ۾ لکي. (انوار قط مدينہ، ص 231) اُن نعت ۾ مديني پاڪ جي مبارڪ گھٽين جو ذڪرِ خير وڏي خوبصورت انداز ۾ ڪيو ويو آهي. اُن نعت جا چند شِعرَ هي آهن:

کس چیز کی کمی ہے مولا تری گلی میں — دنیا تری گلی میں عُقبیٰ تری گلی میں
کس طرح پاؤں رکھیں یاں صاحبِ بصیرت — آنکھیں بچھی ہوئی ہیں ہر جا تری گلی میں
موت و حیات میری دونوں ترے لیے ہیں — مرنا تری گلی میں جینا تری گلی میں
سورج تجلّیوں کا ہر دم چمک رہا ہے — دیکھا نہیں کسی دن سایہ تری گلی میں
امجدؔ کو آج تک ہم ادنیٰ سمجھ رہے تھے — لیکن مقام اس کا پایا تری گلی میں

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## عاشقن جا پنهنجا انداز هوندا آهن

مديني جي عاشقن جا بہ ڪيڏا تہ نرالا انداز هوندا آهن، ڪنهن مديني جي عاشق اميرِ اهلِ سنّت کي 1980 جي مديني جي

سفر ۾ ٻڌايو تہ ڪراچي کان ڪجھ حُجّاج ڪرام مديني پاڪ حاضر ٿيا ۽ انهن هڪ گھر ڪرائي تي ورتو اُن گھر مان وِڇو نڪرندا هئا، پر اهي عاشقانِ رسول حُجّاجِ ڪرام انهن وِڇن کي ماريندا نہ هئا جو هي مديني جا وِڇو آهن.

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! پنهنجي پنهنجي عشق ۽ پنهنجي پنهنجي ذوق جي ڳالھ آهي. عشق و محبت جا هي انداز نصيب وارن جو حصو آهن. جيسيتائين شريعت ڪنهن ڪم کان منع نہ ڪري اُن کان منع ڪرڻ درست ناهي ڇو تہ جيڪا ڳالھ شريعت سان نٿي ٽڪرائي اُن کان اسان ڪيئن ٿا منع ڪري سگھون؟ تڪليف پهچائڻ وارن موذي جانورن کي ڀلي ڪٽي بغير ضرورت جي بہ ماري سگھون ٿا پر مارڻ واجب بہ ناهي، ها! جيڪڏهن پنهنجي پاڻ يا ڪنهن ٻي کي نقصان پهچڻ جو انديشو هجي تہ الڳ ڳالھ آهي پر جيڪڏهن ڪو وِڇو يا ڪنگُجورو(هڪ قسم جو جيت) ڪٿي وڃي رهيو آهي ۽ توهان کي تڪليف بہ ناهي ڏئي رهيو تہ هاڻي مارڻ ضروري تہ ناهي ۽ جيڪڏهن ڪنهن نسبت جي ڪري اُن کي مارڻ کان بچي تہ اهڙي عاشقِ رسول جي ڇا ڳالھ آهي. الله ڪريم! اسان کي بہ پنهنجي پياري پياري آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي عاشقن جي مديني جي عشق جو صدقو نصيب فرمائي.

## عشق ۽ محبت جو هڪ انداز

عاشقِ مدينہ امير اهلِ سنت فرمائن ٿا: مديني شريف جي کجور جو ٻج بہ نہ اڇلائڻ گھرجي بلڪ ٿي سگھي تہ سروتي(سوپارين

ڪٽڻ وارو اوزار) وغيره جي ذريعي ننڍا ننڍا ٽڪڙا ڪري موقعي مناسبت سان وات ۾ وجهي ڪائي چڏيو يا وري ڪاٽي پاٽي ۾ وجهي چڏيو. مديني پاڪ جي نسبت جي سبب هن ريت ادب ڪندا تہ اِنْ شَآءَاللّٰه ثواب ملندو.

## مديني پاڪ ۾ ڪَشِش جي وجھ

مديني جا ديوانو! جهڙي طرح 2022ء تائين عرب شريف ۾ ظاهري طور تي هتراڊو خوبصورتي جا مختلف منظرَ پيدا ڪيا ويا آهن. اميرِ اهلِ سنّت جي 1980 جي مديني جي حاضري ۾ بظاهر ڪجھ اهڙو نہ هيو. صحراءِ عرب ۾ مديني جي فِضا جا جلوا هئا. مختلف شاعر نعتن ۾ مديني پاڪ کي گلزارِ مدينہ، باغِ مدينہ، گلشنِ مدينہ وغيره جي لفظَن سان بيان ڪندا آهن جنهن سان ايئن لڳندو هو تہ شايد اُتي بظاهر بہ هر طرف ساوڪ ئي ساوڪ ۽ خوبصورت منظرَ (Sceneries) هوندا مگر مديني جي عاشق جي مديني جي عشق جواب ڏنو: جيڪڏهن مديني پاڪ ۾ واقعي ظاهري قدرتي اهڙيون ساوڪون ۽ خوبصورت منظرَ هجن ها تہ شايد ڪير چئي سگهي پيو تہ ماٺهو مديني ۾ هنن خوبصورت منظرَن کي ڏسڻ ويندا آهن جڏهن تہ حقيقت ۾ اهڙو ڪجھ ناهي. عاشقن جي دل و دماغ ۾ دنيا جو خوبصورت ترين منظر سائي سائي گنبذ شريف ۽ سنهري ڄارين جا جلوا سَمايل آهن. عُشّاقِ مدينہ انهيءَ لاءِ مدينو مدينو چئي رهيا آهن، مديني جي لاءِ تڙپي رهيا آهن، اُن کي ڏسڻ لاءِ سِڪي رهيا آهن ڇو تہ

أتي مديني جا آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بَنفسِ نفيس تشريف فرما آهن. هڪ ٻي شاعر ڪيتري پياري پياري ڳالھ چئي آهي:

صحرائے مدینہ کے جب دیکھ لیے جلوے　　گلشن کے نظارے سب بے کار نظر آئے

صَلُّوا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## مديني جي ياد ۾ ڪلام لکي ورتو

مديني جي عاشق اميرِ اهلِ سنّت حَرَمينِ طَيِّبَيۡن جي زائرين جي رهنمائي جي لاءِ ”رفيقُ الحَرَمَين“ نالي هڪ ڪتاب لکيو آهي جنهن ۾ مڪي مديني ۾ حاضري جي آداب سان گڏ و گڏ حج ۽ عمري جو طريقو ۽ حج، عمري جي اهم ديني مسئلن جو بيان آهي.[1]

پاڻ فرمائن ٿا: مان اُن ڪي دلجمعي سان لکڻ جي لاءِ ڪلفٽن (ڪراچي، پاڪستان) ۾ دعوتِ اسلامي جي مرڪزي مجلسِ شوريٰ جي رُڪن حاجي عبدالحبيب عطاري جي والد صاحب حاجي يعقوب گنگ صاحب (مرحوم) وٽ رڪيل هئس، [2] بهار جي موسم ٿي ته گهرن جي ٻاهران گل ٻاڻي ۾ رنگ برنگي خوبصورت گل ٽڙڻ شروع

---

1... هن ڪتاب کي دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami.net تان فري ڊائون لوڊ ڪري سگهجي ٿو پڻ زائرينِ مدينہ کي هي ڪتاب تحفي طور پيش ڪيو ان شاءَ الله الڪريم ثواب جو خزانو هٿ اچڻ سان گڏوگڏ معلومات ۾ پلو اضافو ٿيندو.

2... رفيق الحرمين ڪتاب جي تصنيف ۽ ان جي حوالي سان ٻي دلچسپ معلومات تي شعبي هفتيوار رسائل جي طرفان عنقريب هڪ رسالو جاري ٿيندو. ان شاءَ الله الڪريم.

ٿيا، هر گهر جي ٻاهران گل ئي گل هيا، انهيءَ لمحي منهنجي توجهه مديني جي صحراء جي رونق ڏانهن وئي ته عطار جي دل اهو فيصلو ڪيو ته مديني جي صحراء جي پُرڪيف رونقن جي سامهون هنن گلن جي رونق ڪجهه به ناهي، چو ته هِن رونق ۾ گم ٿي ڪري ماڻهو غفلت ۾ ٻڏي سگهي ٿو جڏهن ته ٻانهو مديني جي ياد ۾ جيترو وڌندو وڃي ايترو ئي منزل جي قريب ٿيندو هليو ويندو، انهن ئي سوچن ۾ مديني جي عاشق قلم کنيو ۽ پنهنجون دِلي ڪيفيتون ڪجهه هن ريت شِعرَن جي صورت ۾ لکيون:

جس طرف دیکھئے گلشن میں بہار آئی ہے     دل مگر دشتِ مدینہ کا تمنّائی ہے
خوشنما پھول گُلستاں میں کھلے ہیں لیکن     میرا دل خارِ مدینہ ہی کا شیدائی ہے[1]

( آڏيو بيان: ( نگاہ مصطفی کی ادائیں))

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!     صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## امير حمزه جي مزار تي حاضري

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! سڄو مدينو ئي زيارت جي جڳهه آهي، چا مديني جا جبل، چا مديني جا صحراء، مديني پاڪ جا جبل يا مبارڪ غار هر طرف بهار ئي بهار آهي، مديني پاڪ جي مبارڪ زيارت گاهن مان هڪ اهم زيارت جبل اُحد شريف ۽ حضرت امير حمزه رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي مزار آهي. مديني جي عاشق اميرِ اهلِ سنّت ڪيترا ئي ڀيرا عَمِّ رسول، اسدُاللهِ و اَسَدُ رَسولِہ يعني الله پاڪ ۽

[1] ... مکمل کلام پڑھنے کےلئے وسائل بخشش صفحہ 494 کا مطالعہ کیجئے۔

اُن جي پياري پياري آخري رسول جي شير حضرت امير حمزه رَضِیَ اللهُ عَنْه جي مزار مبارڪ تي حاضري جي سعادت ماڻي. اميرِ اهلِ سنّت ڪراچي کان اڪيلا ئي مديني جي سفر تي روانا ٿيا هئا پر اتي هڪ سڄاڻ وارو ملي ويو هو، پاڻ ان سان گڏ حاضري جي لاءِ ويا. حضرت امير حمزه رَضِیَ اللهُ عَنْه جي مزار شريف سان گڏ ٻيا شُهداءِ اُحد جا جانباز صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان بہ آرام فرما آهن. هِنن مبارڪ مزارن تي حاضري وڏي سعادت جي ڳالهه آهي جو تہ حضور پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پاڻ هر سال جي شروع يا آخر ۾ شُهداءِ اُحد رَضِیَ اللهُ عَنْهم جي زيارت لاءِ تشريف وٺي ويندا هئا.

(تفسير درمنثور،پ13، الرعد، تحت الآية:24، 640/4، 641)

## اُحد جا شهيد سلام جو جواب ڏيندا آهن

هڪ روايت ۾ آهي تہ الله پاڪ جي رحمت واري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اُحد جي شهيدن جي زيارت لاءِ تشريف وٺي ويا ۽ عرض ڪيو: يا الله پاڪ! تنهنجو ٻانهو ۽ تنهنجو نبي گواهي ڏي ٿو تہ هي شهيد آهن ۽ قيامت تائين جيڪو هنن جي زيارت لاءِ ايندو ۽ انهن تي سلام ڪندو هي جواب ڏيندا. (مستدرک، 569/3، حديث: 4376)

## شهداءِ اُحد جي ڪرامت

تقريباً هڪ هزار سال پهرين جو بُزرگ حضرت امام ابوبڪر احمد بن حسين بَيْهقي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي ڪتاب ”دَلائِلُ النُبُوَة“ ۾ لکن ٿا: هڪ صاحِب چون ٿا تہ مون کي منهنجا والد محترم مدينۂ پاڪ کان شهداءِ احد جي مزارن ڏانهن وٺي ويا، جمعي جو ڏينهن هو،

صبح ٿي چڪو هو پر سج اجان نہ اڀريو هو، مان پنهنجي والدِ محترم جي پويان هئس جڏهن اسان مبارڪ مزارن وٽ پهتاسين تہ منهنجي والد صاحب وڏي آواز سان عرض ڪيو: سَلٰمٌ عَلَيۡكُمۡ بِمَا صَبَرۡتُمۡ فَنِعۡمَ عُقۡبَى الدَّارِ يعني توهان تي سلامتي هجي ڇو تہ توهان صبر ڪيو تہ آخرت جو سٺو انجام ڪيترو نہ سٺو آهي. جواب آيو: وعليكم السلام يَا اَبَاعبدِالله. منهنجي والد صاحب مون ڏانهن مُڙي ڪري ڏٺو ۽ چيو تہ اي منهنجا پٽ! تُو جواب ڏنو آهي؟ مون چيو: نہ. انهن منهنجو هٿ پڪڙي پنهنجي سڄي پاسي ڪري ورتو ۽ ٻيهر اهو ئي سلام عرض ڪيو: ٻيهر اهڙو ئي جواب مليو، ٽئين ڀيري وري سلام ڪيو تہ وري اهو ئي جواب مليو. ان تي منهنجا والدِ محترم الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ شڪر جي سجدي ۾ ڪري پيا. (دلائل النبوة للبيهقي، 3/ 309)

سيّدی حمزہ کو اور جُملہ شہیدانِ اُحُد ‏ ‏ ‏ ‏ کو بھی اور سب غازیوں کو شہسواروں کو سلام
(حدائقِ بخشش، ص610)

اي عاشقانِ رسول! صحابہ ڪرام و اولياء عظام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جي مبارڪ مزارن تي حاضري ڏيڻ ۽ انهن جي بارگاهہ ۾ سلام عرض ڪرڻ خوش نصيبن جو حصو آهي، ڏسو! تقريبًا هڪ هزار سال پهريان جي بزرگ رَحۡمَةُاللهِ عَلَيۡه جي ڪتاب مان مبارڪ مزارن تي حاضري جو ثبوت مليو ۽ شهداءِ احد جي ڪرامت بہ ظاهر ٿي، جانثار صحابہ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان نہ صرف سلام جو جواب ڏنو بلڪ الله پاڪ جي عطا سان سلام ڪرڻ واري جو نالو ۽ ڪنيت تائين ڄاڻي ورتي. الله

ربُّ الْعِزَّت جي انهن تي رحمت هجي ۽ ان جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

اٰمين بِجاهِ خاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اللہ غنی! شانِ ولی! راج دلوں پر دنیا سے چلے جائیں حکومت نہیں جاتی

(وسائل بخشش،ص383)

الله پاڪ جا پيارا پيارا آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جڏهن پاڻ شهداءِ احد جي مبارڪ مزارن تي تشريف وٺي ويا ته هاٿي کنهن الله واري جي مزار شريف تي وڃڻ ۾ کهڙو حرج تي سگهي ٿو. الله ڪريم! اسان کي عاشقانِ رسول جي صحبت نصيب فرمائي ۽ بزرگانِ دين جي مزارن تي ادب و تعظيم سان حاضري ڏيڻ جي سعادت عطا فرمائي.

آل و اصحاب سے محبّت ہے اور سب اولیا سے اُلفت ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## عاشقِ رسول جنتي جبل

مديني جي عاشق اميرِ اهلِ سنت اُحد جي شهيدن جي حاضري ڏيڻ کان پوءِ مديني پاڪ جي مشهور ۽ معروف عاشقِ رسول جبل جي زيارت لاءِ هليا، هي اهڙو خوشنصيب جبل آهي جو هن جي خوش قسمتي تي جيترو رشڪ ڪجي ايترو ڪم آهي، ڪاش! مان ان مبارڪ جبل جو هڪ ننڍڙو پٿر هجان ها. هن سعادت مند جبل تي قدمِ مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم لڳا آهن ۽ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هن جبل

جي لاءِ فرمايو آهي: هٰذَا اُحُدٌ يُحِبُّنَا وَ نُحِبُّهُ يعني هي احد جبل اسان سان محبت ڪري ٿو ۽ اسان هن سان محبت ڪندا آهيون.

(بخاری،3/ 150، حديث : 4422)

حضرت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُاللهِعَلَيْه فرمائن ٿا: احد شريف مديني پاڪ کان اوير پاسي تقريباً ٽي ميل پري هڪ جبل آهي مدينو پاڪ خاص ڪري جنّتُ البقيع کان صاف نظر ايندو آهي، اتي شهداءِ احد خاص ڪري سيدُالشُّهداء اميرحمزه(رَضِیَ اللهُ عَنْهم)جون مزارون آهن. زائرين ٽولا ٽولي ٽي ان جبل جي زيارت ڪندا آهن مون حاجين کي ان جبل سان چنبڙي ڪري روئندي ۽ اتي جي پٿرن کي چمندي ڏٺو آهي. هر مومن جي دل ۾ قدرتي طور تي ان جي محبت آهي حق هيءُ آهي تہ پاڻ جبل ئي حضور سان محبت ڪندو آهي، ڪاٺين ۽ پٿرن ۾ احساس بہ آهي ۽ محبت ۽ عداوت جو مادو بہ آهي، حضور جي فِراق (يعني جدائي) ۾ اُنَ بہ رُنا ۽ ڪاٺين بہ ليلائيو ۽ فرياد ڪئي آهي، لهٰذا حق هيءُ آهي تہ پاڻ حضور انور صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم احد جبل سان، ان علائقي سان، اتان جي پٿرن سان محبت فرمائيندا آهن ۽ هي سڀ شيون حضور سان محبت ڪنديون آهن. (مِراٰة المناجيح،219/4) وڌيڪ هڪ ٻئي مقام تي ارشاد فرمائن ٿا: جن کي پٿر جي دل جو حال معلوم آهي ڇا انهن کي انسانن جي دلين جو حال معلوم نہ هوندو. (مِراٰة المناجيح،113/2)

پہاڑوں میں بھی حُسن کانٹے بھی دِلکش ... بَہاروں نے کیسا نِکھارا مدینہ

(وسائل بخشش،ص355)

اي مديني جا عاشقو! هي مبارڪ جبل تقريباً پوڻا چار ميلن

تائين پکيڙيل آهي. هي عاليشان جبل جنّت جي دروازن مان هڪ دروازي تي آهي. (معجم اوسط، 37/5،حديث: 6505)

هڪ ٻي حديثِ پاڪ ۾ آهي ته اُحد جبل جنّت جي جبلن مان آهي. (معجم کبير، 18/17،حديث: 19) هن مبارڪ جبل جي چوٽي تي اللهٰ پاڪ جا پيارا نبي، حضرتِ موسيٰ ڪليم الله عَلَيۡهِ السَّلَام جي ڀاءُ حضرتِ هارون عَلَيۡهِ السَّلَام جي مزار شريف به آهي. (پر هاڻي هن جي زيارت تمام مشڪل آهي) (ارشاد الساری ، 148/9، تحت الحديث: 4084)

## چمڪندڙپٿر

مديني جا عاشق اميرِ اهلِ سنت فرمائن ٿا: مون جڏهن اُحد شريف جي زيارت ڪئي ته ان وقت اُس شريف جي به حاضري هئي، مون پنهنجي ساٿي کي چيو: ڏس ته سهي! پٿريون ڪيئن چمڪي رهيون آهن حقيقت ته اها آهي ته مديني پاڪ جي هڪ هڪ مبارڪ پٿر تان دنيا جا سيئي هيرا جواهر قربان. اُحد شريف کان واپس وڃڻ جو وقت آيو ته واپسي جو رستو ياد نه رهيو، چارئي طرف پهاڙ ئي پهاڙ ۽ واپسي جو رستو ڏسڻ ۾ ئي نه اچي رهيو هو، ڪو اهڙو ماڻهو به ويجهو نه هئو جو جنهن کا رستو پڇيو وڃجي، اميرِ اهلِ سنت جا رفيق پريشان ٿي ويا مگر مديني جي عاشق جي چهري تي اطمينان و سڪون جي ڪيفيت هئي ڄڻ ته:

| | |
|---|---|
| ہم مدینے میں تنہا نکل جائیں گے | اور گلیوں میں قصداً بھٹک جائیں گے |
| ڈھونڈتے ڈھونڈتے لوگ تھک جائیں گے | ہم وہاں جا کے واپس نہیں آئیں گے |

مديني جي عاشق جي دلي اها ڪيفيت هئي جو هي ته منهنجي

پياري محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو مبارڪ شهر آهي هتي مون کي
ڪهڙي شيءِ جي پريشاني، اميرِ اهلِ سنت احد شريف جي جبلن تي
ليٽي ڪري مولانا جميل الرحمٰن رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه جو هي شعر پڙهڻ لڳا:

لاشہ میرا طیبہ کے بیاباں میں پڑا ہو اور روح بنے بُلبُلِ بُستانِ محمد

يعني ڪاش! مون کي مديني پاڪ جي صَحراء وغيره ۾
اهڙي ريت موت اچي جو منهنجو ميت پيو هجي ۽ روح بُلبل جيان
پرواز ڪندي باغِ محمد جو سير ڪري رهي هجي.

مديني جو عاشق پنهنجي عشق و مستي جي عالم ۾
مصروف هو جڏهن ته سندن رفيقِ سفر پريشان هو تي سگهي ٿو ان
کي اهو خيال به ايندو هجي ته هي به ڪهڙو عاشقِ رسول آهي جو
رستو ملي ناهي رهيو، موت مٿي تي ڦري رهيو آهي ۽ هِن کي ڪو
فڪر ئي ناهي. جيڪڏهن هتي ئي رات ٿي وئي ته پوءِ بظاهر بچائڻ
جي لاءِ به ڪوئي نه ايندو، پر اميراهل سنت سؤ فيصد مطمئن هئا،
بس دل ۽ ذهن ۾ اهو ئي خيال هو ته اسان آهيون ڪٿي؟ مديني ۾!
حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دامن ۾! مديني جي عاشق حديث پاڪ تي
عمل ڪرڻ جي نيت سان احد شريف جون ڪجھ جڙي ٻوٽيون ۽ گاھ
وغيره به استعمال فرمايو جيئن حديث پاڪ ۾ آهي: مديني واري آقا
صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جڏهن توهان اُحد جبل تي وڃو ته اتان جا ڪجھ
وڻ يا ڪجھ گاھ کائي وٺو. (معجم اوسط، 516/1، حديث: 1905) آخرڪار واپسي
جو رستو ملي ئي ويو ۽ پوءِ اتان کان واپس قيام گاھ ڏانهن تشريف
ڪٺي آيا.

